Pamphlet

# فَيضانِ شبِ بَراءَت

(Sindhi)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# فَيضانِ شبِ بَراءَت

**آقا جو مهينو:** رسولِ اڪرم نور مجسم، شاهه بني آدم، نبي **محتشم، شافع اُمَم** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو **شَعْبَانُ الْمُعظم** جي باري ۾ فرمانِ مڪرم آهي: ”شعبان منهنجو مهينو آهي ۽ رمضان الله جو مهينو آهي“ (الجامع الصَّغير للسيوطي ص 301، حديث 4889)

**مرڻ وارن جي فهرست ٺهڻ جو مهينو:** حضرت سيدتنا **عائشه صديقه** رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهَا فرمائن ٿيون: تاجدارِ رسالت صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پوري شعبان جا روزا رکندا هئا. فرمائن ٿيون تہ مون عرض ڪيو: يا رسول الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڇا سڀ مهينن مان اوهان صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نزديڪ پسنديده شعبان جا روزا رکڻ آهي؟ تہ **محبوبِ رَبُّ الْعِباد** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: **الله** عَزَّوَجَلَّ هن سال مرڻ واري هر جان کي لکي ڇڏيندو آهي ۽ مون کي هي پسند آهي تہ منهنجو وقتِ رخصت اچي ۽ مان روزه دار هجان. (مسند ابي يعلٰي، ج 4، ص. 277، حديث 4890)

**نازڪ فيصلا:** منا منا **اسلامي ڀائرو!** پندره **شعبان المعظم** جي رات ڪيتري نازڪ آهي! ڪا خبر ناهي ڪنهن جي قسمت ۾ ڇا لکيو وڃي! ڪڏهن ڪڏهن ٻانهو **غفلت** ۾ پيو هوندو آهي ۽ ان جي باري ۾ ڪجهه جو ڪجهه ٿي چڪو هوندوآهي. ”**غُنْيَةُ الطّالبين**“ ۾ آهي: گهڻا ئي ڪفن ڌوپجي تيار رکيل هوندا آهن پر ڪفن پائڻ وارا بازارن ۾ گهمي ڦري رهيا هوندا آهن، ڪافي ماڻهو اهڙا هوندا آهن جو انهن جون **قبرون** کوٽجي تيار هونديون آهن پر ان ۾ دفن ٿيڻ وارا خوشين ۾ مست هوندا آهن، ڪجهه ماڻهو کِلي رهيا هوندا آهن جڏهن تہ انهن جي موت جو وقت ويجهو اچي چڪو هوندو آهي. ڪيترن ئي **مڪانن جي تعميرات** جو ڪم پورو ٿي ويو هوندو آهي پر گڏ ئي انهن جي مالڪن جي زندگي جو وقت بہ پورو ٿي چڪو هوندو آهي. (غنية الطالبين، ج 1، ص 348)

**محروم ماڻهو:** منا منا اسلامي ڀائرو! شبِ بَراءَت بيحد اهم رات آهي، ڪنهن بہ صورت ان کي **غفلت** ۾ نہ گذاريو وڃي. ان رات خصوصيت سان گڏ رحمتن جي ڇماڇم بارش ٿيندي آهي. ان مبارڪ رات ۾ الله تبارڪ و تعالٰي ”**بني ڪلب**“ جي ٻڪرين جي وارن کان بہ وڌيڪ ماڻهن کي جهنم کان آزاد فرمائيندو آهي. ڪتابن ۾ لکيل آهي: ”**قبيلو بني ڪلب**“ ”عرب جي قبيلن ۾ سڀ کان وڌيڪ ٻڪريون پاليندو هو.“ افسوس! ڪجهه بد نصيب اهڙا بہ آهن جن جي لاءِ اِن **شبِ بَراءَت** يعني ڇوٽڪارو پائڻ جي رات بہ نہ بخشڻ جي وعيد آهي. حضرت سَيِّدُنا امام **بيهقي** شافعي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِی ”فضائل الاوقات“ ۾ نقل ڪن ٿا: رسولِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان عبرت نشان آهي: ڇهہ ماڻهن جي ان رات بہ بخشش نہ ٿيندي: (1) شراب جو عادي (2) ماءُ پيءُ جو نافرمان (3) زنا جو عادي (4) قطع تعلق ڪرڻ وارو (5) تصوير ٺاهڻ وارو ۽ (6) **چغل خور**. (فضائل الاوقات، ج 1، ص 130، حديث 27) اهڙي طرح غيب جون خبرون ٻڌائڻ وارو، جادوگر، تڪبر سان پاجامو يا تهبند پيڏين کان هيٺ لٽڪائڻ وارو ۽ ڪنهن مسلمان سان بغض ۽ ڪينو رکڻ واري تي بہ هن رات مغفرت جي سعادت کان محروميءَ جي وعيد آهي، تنهنڪري تمام مسلمانن کي گهرجي تہ **بيان ڪيل** گناهن مان جيڪڏهن **معاذ الله** ڪنهن گناهہ ۾ مُلوَّث هجي تہ بالخصوص ان گناهہ کان ۽ بالعموم هر گناهہ کان شبِ بَراءَت جي اچڻ کان پهريان بلڪ اڄ ئي ۽ هاڻي سچي توبهہ ڪري ڇڏيو، ۽ جيڪڏهن ٻانهن جون حق تلفيون ڪيون هجن تہ توبهہ سان گڏوگڏ ان جي معافي تلافي جي ترڪيب فرمائي ڇڏيو.

**پندره شعبان جو روزو:** حَضرت سَيِّدُنا عليُّ المرتضٰي شيرِ خدا كَرَّمَ اللّٰهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيْم کان مروي آهي تہ نبي ڪريم، رؤُف رحيم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عظيم آهي: جڏهن پندره شعبان جي رات اچي تہ ان ۾ قِيام (يعني عبادت) ڪريو ۽ ان ڏينهن ۾ روزو رکو. بيشڪ الله تعالٰي غروبِ آفتاب کان آسمانِ دنيا تي خاص تجلي فرمائيندو ۽ چوي ٿو: ”آهي ڪو مون کان مغفرت طلب ڪرڻ وارو تہ ان کي بخشي ڇڏيان! آهي ڪو روزي طلب ڪرڻ وارو تہ ان کي روزي ڏيان! آهي ڪو مصيبت ۾ ڦاٿل تہ ان کي عافيت عطا ڪريان! آهي ڪو اهڙو! آهي ڪو اهڙو! ۽ اهو ان وقت تائين فرمائيندو آهي جيستائين فجر طلوع ٿي وڃي.“

(سنن ابن ماجہ، ج 2، ص. 16، حديث 1388)

www.dawateislami.net

**فائدي جي ڳالهه:** شبِ بَرَاءَت ۾ اعمال ناما تبديل ٿيندا آهن تنهنڪري ممڪن ٿي سگهي ته 14 **شعبانُ المعظم** تي به روزو رکيو وڃي ته جيئن اعمال نامي جي آخري ڏينهن ۾ به روزو هجي. **14 شعبان تي عصر جي نماز باجماعت پڙهي ڪري اتي ئي نفلي اعتڪاف ڪري ڇڏيو ۽ نماز مغرب جي انتظار جي نيت سان مسجد ۾ ئي رڪي وڃو ته جيئن اعمال نامو تبديل ٿيڻ جي آخري لمحن ۾ مسجد جي حاضري، اعتڪاف ۽ انتظارِ نماز وغيره جو ثواب لکيو وڃي.** پر بهتر هي آهي ته! سڄي ئي رات عبادت ۾ گذاري وڃي.

**سڄو سال جادو کان حفاظت:** دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينه جي مطبوعه 170 صفحن تي مشتمل ڪتاب، "**اسلامي زندگي**" صفحي 134 تي آهي: جيڪڏهن هن رات (يعني شبِ بَرَاءَت) ست پَنَ بير جي وڻ جا پاڻي ۾ جوش ڏئي ڪري (جڏهن پاڻي وهجڻ جي قابل ٿي وڃي ته) غسل ڪري اِن شَآءَ اللہ عَزَّوَجَلَّ سڄو سال جادو جي اثر کان محفوظ رهندو.

**مغرب ڪان پوءِ ڇهه نفل:** اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ السَّلام جي مبارڪ عملن مان آهي ته مغرب جي فرض ۽ سنت وغيره کان پوءِ ڇهه رڪعت نفل به به نفل ڪري ادا ڪيا وڃن. پهرين ٻن رڪعتن کان پهريان هي نيت ڪريو: "**يا الله** عَزَّوَجَلَّ هن ٻن رڪعتن جي برڪت سان مون کي درازي عمر بالخير عطا فرماء" ٻي ٻن رڪعتن ۾ هي نيت ڪريو: "**يا الله** عَزَّوَجَلَّ هن ٻن رڪعتن جي برڪت سان بلائن کان منهنجي حفاظت فرماء" ٽين ٻن رڪعتن ۾ هي نيت ڪريو: "**يا الله** عَزَّوَجَلَّ هن ٻن رڪعتن جي برڪت سان مون کي پاڻ کان سواءِ ڪنهن جو محتاج نه ڪر" اُنهن ڇهن رڪعتن ۾ سُوْرَةُ الْفَاتِحَه کان پوءِ جيڪي چاهيو اهي سورتون پڙهي سگهو ٿا، بهتر هي آهي ته هر رڪعت ۾ سُوْرَةُ الْفَاتِحَه کان پوءِ ٽي ٽي ڀيرا سُوْرَةُ الْاِخْلَاص پڙهي ڇڏيو. هر ٻن رڪعتن کان پوءِ ايڪيهه ڀيرا قُلْ هُوَ اللهُ اَحَد (پوري سورت) يا هڪ ڀيرو سورة يٰس شريف پڙهو بلڪ ٿي سگهي ته ٻئي پڙهي ڇڏيو. هي به ٿي سگهي ٿو ته ڪو هڪ اسلامي ڀاءُ بلند آواز سان يٰسٓ شريف پڙهي ۽ ٻيا خاموشي سان خوب توجه سان ٻڌن. ان ۾ هي خيال رهي ته ٻيو انهي دوران زبان سان يٰسٓ شريف بلڪ ڪجهه به نه پڙهي ۽ هي مسئلو خوب ياد رکو ته جڏهن قرآنِ ڪريم بلند آواز سان پڙهيو وڃي ته جيڪي ماڻهو ٻڌڻ جي لاءِ حاضر آهن انهن تي فرضِ عين آهي ته چپ چاپ خوب ڌيان ڏئي ٻڌن. اِن شَآءَ اللہ عَزَّوَجَلَّ رات شروع ٿيندي ئي ثواب جو ذخيرو هٿ اچي ويندو. هر ڀيري يٰسٓ شريف کان پوءِ "دعاءِ نصف شعبان" به پڙهو.

**سگِ مدينه** عُفِيَ عَنْهُ **جون مدني التجائون:** اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ! سگِ مدينه عُفِيَ عَنْهُ جن جو سالن کان **شبِ بَرَاءَت** ۾ بيان ڪيل طريقي جي مطابق ڇهه نوافل ۽ تلاوت وغيره جو معمول آهي. مغرب کان بعد ڪئي ويندڙ عبادت نفلي آهي، فرض ۽ واجب ناهي ۽ نمازِ مغرب کان پوءِ نوافل ۽ تلاوت جي شريعت ۾ ڪٿي به ممانعت ناهي. تنهنڪري ٿي سگهي ته تمام اسلامي ڀائر پنهنجي پنهنجي مسجدن ۾ معرب کان پوءِ ڇهه نوافل وغيره جو اهتمام فرمائن ۽ خوب ثواب ڪمائن. اسلامي ڀينرون پنهنجي پنهنجي گهر ۾ ئي هي اعمال بجا آڻين. **الله** عَزَّوَجَلَّ ۽ رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي رضا جي لاءِ پنهنجي شهر ۾ ٿيڻ واري دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀريي اجتماع ۾ شرڪت، مدني قافلن ۾ سفر ۽ باڪردار مسلمان بڻجڻ جي لاءِ مدني انعامات جو جيبي سائز رسالو حاصل ڪري روزانو ڀريو. پڻ دعاءِ نصف شعبان ۽ مزيد معلومات جي لاءِ رسالو "**آقا جو مهينو**" مڪتبة المدينه جي ڪنهن به شاخ تان حاصل ڪري ضرور مطالعو فرمايو.

طالب
غمِ مدينه
و بقيع
و مغفرت

**دعاءِ عطار!** يا الله عَزَّوَجَلَّ! جيڪو به هي پمفليٽ گهٽ ۾ گهٽ 15 عدد تقسيم ڪري يا مناسب مقام تي لڳائي ان جو ٻنهي جهانن ۾ بيڙو پار ڪري ڇڏ.

٦ شعبانُ الْمُعظّم ١٤٣١ھ/19-7-2010

www.dawateislami.net